پروفيسر ڪي ايس ناگپال

# تصوف: هڪ رويو، هڪ ڪردار

***Abstract:***

*Sufism is now the order of the day. All turn to it and define it with distinct perception. I consider 'Taswuf', to be more than a philosophy, a way, a behavior. The character of a Sufi produces tremendous influence and charisma on the hearts and minds of those who come closer to him. This is the process that stands for 'change of hearts'. It's a silent revolution that makes one a different person than (one was) before. I submit with humble heart what and how I passed through these different aspects and appeal for 'to be' than 'to have' as we find the material world strives for, & is mad after it 'To have all treasures of the world' but feel sorry as death is at the threshold and Man is mortal. If we were true at heart, the world would become a better place to live in.*

تصوف هڪ رويو آهي، هڪ ڪردار آهي، ۽ اهو اخلاص آهي، جو بندي ڪي پنهنجي پاڻ سڃاڻڻ بعد، سڄي ڪائنات ۾ رڳو هڪ وجود نظر اچي ٿو، جنهن ۾ ميٺ، محبت سَوائِي ٿيو پوي، انسانن جي خدمت خالق جي خدمت ٿيو پوي.

سامي ۽ واري سٽ جيان:

خالق آهي خلق ۾، خلق منجھ خالق

بابا فريد چيو:

خالق آهي خلق مهه، خلق وسي رب مانهه،
مندا ڪس نون ڪيئي، جو تس بن دوُجا ناه.

ته ان 'دوُجا' جي وهم کي ختم ڪرڻ تصوف آهي. 'دوئي'، 'ٻيائي' جي گند کي صاف ڪرڻ اندر اجارڻ آهي، لطيف سائين چيو آهي

صوفي صاف ڪيو، ڏوئي ورق وجود جو،
تِهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو.

جيئري پرين پسڻ ئي معرفت آهي. ڳالهيون پڙهڻ، ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جون نه آهن.

بُلا شاه چيو آهي:

علمون بس ڪرين او يار!

لطيف سائين چيو آهي:

اڪر پڙهه الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار،
اندر تون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا.





'الا ڏاهي مر ٿيان' جو مطلب آهي، علم جي سڃاڻپ. ڄاڻ ۾ تڪبر ڪٽي پرين نه پائي سگهبو. فرمايائون:

" ڄاڻي ته به نه ڄاڻ، هي در ابهوجهن جو"

يا

" ان در سيئي رسيا، جن وڃايو وجود."

(شاه)

سِڪ رمز وجود وڃاوڻ دي
نهين حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي.

( بيدل)

ته ٻڌڻ ٻڌائڻ سان نه، پڙهڻ پڙهائڻ سان نه، هي ته فنا جو مقام آهي. انيئي جو ماڳ آهي. بيڪم ٿو چئي:

'بيڪم' بات آگم ڪي، ڪهڻ سڻڻ ڪي ناهه،
جو ڪهي سو جاني نهين، جو جاني سو ڪهي ناهه.

ڪبير صاف فرمايو آهي:

ايهه ڪرٽي ڪا ڀيد هئه، نهين ٻڌي ٻيچار،
ڪَتنِي تَج، ڪرني ڪرو، تان ڪڇ پاوه سارِ.

هي عمل جي منزل آهي، ٻڌائڻ بند ڪر، اندر جهاتي پاءِ، "ڏي ٽپي لَهُ ۾ ٽول، اصلي عين اندر دا ڪول" اهو ڪم صرف سڪ سبيل سان ٿيندو، عشق ئي انڌو ڪري، پرندڙ باهه ۾ ٽپو ڏئي فنا ڪائي سگهي ٿو، عقل دليل ته پڇي بر ٿيندو. هي عمل آهي، "پڇڻ گهڻا پڇائيا، تون پڇڻ کي پڇاءِ".

علامه اقبال چئي ٿو:

" بنده عشق از خدا گیرد طریق،
می شود بر کافر و مومن شفیق"

حديث قدسي آهي:

"الخلق عيال الله"

حالي چيو:

یہ پچھلا سبق تھا کتاب ھدیٰ کا،
کہ ہے ساری مخلوق کنبہ خدا کا.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

خواجا فريد فرمايو:

رک تصديق نہ ٿي آواره،
ڪعبہ قبلا دير ديوارا،
مسجد مندر هيڪڙو نور.

شاه صاحب جي اها سٽ تہ:

”جيڏانهن ڪيان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.“

دراصل ’هڪ وجود‘ جي موجود هجڻ جو ڏس آهي، ۽ ان مان نهيو ”لاموجود الاالله“، اهو ابن العربيءَ جو فلسفو چيو ويندو آهي. وحدت الوجود يعني ڪائنات ۾ جو بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، تنهن جو پنهنجو ڪو بہ وجود نہ آهي، پر اهو سڀ خدا جي وجود جو هڪ مظهر آهي. آءٌ ان کي ڪلاس روم ۾ چوندو آهيان، ’اک جيڪو ڏسي ٿي، اهو سڀ ڪوڙ آهي، اصل نہ پر رُج آهي، آهي سچ هڪ، پر نظر ڪثرت ۾ پئي ڪيترا ڏسي:

وحدت مان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،

يا

لهرن لک لباس، پاڻي پسڻ هيڪڙو.

اها ئي ڳالهہ گرنٿ صاحب ۾ آئي آهي:

” سڀ گوبند هئہ، سڀ گوبند هئہ،
گوبند بن نهي ڪوئي“

تصوف جو هي جوهر ڪو نئون نہ آهي، اهو قبل مسيح واري وقت کان رائج آهي، جڏهن پارمينڊس (Parmendes) 514 ق.م. ۾ يونان جي ڏاهي چيو هو تہ، ”’آدجگاد‘ کان حقيقت هڪ ’being‘ وجود آهي، جنهن سواءِ ٻيو ڪنهن جو وجود ڪونهي.“ هي وحدانيت جو پهريون آواز هو، ان بعد زينو فينس (Xenophenes) جو فقرو ٿو ملي تہ: ”ڪائنات ۾ ئي خدا آهي.“ ۽ اهو ڪائنات کي خدا جي زنده حقيقت ڪري ٻڌائي ٿو، هن ۾ فقط هڪ هستي موجود آهي، جا وقت جي قيد گهير ۾ نٿي اچي. منجهس ڪا تبديلي نہ ٿي ٿئي، ۽ ’سڀ گوبند هئہ‘ جو پهريون پرچار هن ڪيو جنهن کي چئون، ’هم اوست‘ يعني ’سڀ هو آهي‘. هن جي موجودگي ’Isness‘ ئي واحد سچ آهي. ان حقيقي وجود، خدا کي پائڻ لاءِ ڇا ڪجي وارو بنيادي سوال ڪَرَ ڪنيو بيٺو آهي. اچو تہ ان کي پرکيون، پُرجهون ۽ اصل جوهر تي پهچون.





صوفين وٽ اصل علم عرفان ۾ آهي، جنهن ۾ وجود جو وجدان ٿئي ٿو. اهو ڪتابي علم سان نٿو ملي سگهي، اهو صرف عشق سان ئي ملي سگهي ٿو، ڇو جو، عقلي علم ڪتابن مان ۽ معرفت فقط عشق سان ئي مان ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي. عشق جي وري آخري ڪيفيت اها آهي تہ، وجود خود سراپا ڪائنات بڻجي پئي. اهو احساس ڇتو ٿئي ٿو تہ، جو ڪجهہ بہ آهي، اهو محبوب حقيقي آهي، ٻيو ڪجهہ بہ ان سواءِ ڪونهي. ان کي لطيفي لات ۾ هيئن چئي سگهجي ٿو:

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چوڏس ڇتاٽو،
منجهيئي ڪاڪ ڪڪوري، منجهيئي لڌاٽو،
راٽو ئي راٽو، ريءَ راٽي ناه ٻيو.

ان علم کي نہ سمجهندي، عام ماڻهو وجود جي رڃ ۾ مرگهہ ترشنا وانگر ڊُکي ڊُکي ساٽو ٿيو پوي. تاريخ پڙهو: يونان جو افلاطون معروضي خيال پرست هو، هيگل جدلي ماديت وسيلي ’مطلق عقل‘ تائين پهتو، اينگلز ۽ مارڪس ان کي معاشي طرح وڌايو. ’وجوديت‘ جا باني زان پال سارتر، البيئر ڪاميو ۽ ڪريڪي گارڊ جا فلسفا پڙهندي پڙهندي، اڄ جو انسان وجود جي بحث ۾ اٽڪي پيو آهي. وجود مان مراد، خود جي وجود جو احساس آهي، پر اهو مڪمل نہ آهي، اهو اڻپورو ۽ اڌورو آهي، منجهس کوٽ آهي. سڄي زندگي ماڻهو ان کوٽ کي پوري ڪرڻ لاءِ ڊڪندو ٿو رهي، جهد ۽ جاکوڙ ۾ رڌل رهي ٿو، پر اها کوٽ پوري نٿي ٿئي، ۽ ماڻهوءَ کي ويڳاڻو، وياڪل ۽ اداس ڪري ڇڏي ٿي. ڪيس اها بہ خبر نٿي پوي تہ، آخر اها ڪهڙي ڪمي آهي، جا ڪيس هر شيءَ هوندي بہ، اڄايل ۽ اٻاسو ڪري ٿي ڇڏي، ۽ پوءِ وقت جي تيز وهڪري ۾ هرڪو لڙهي وڃي ٿو.

ان سوال، اڃ، طلب جو جواب صرف ’تصوف‘ وٽ آهي، تہ ڪير آهين؟ ۽ ڪنهن کي ٿو ڳولين؟ پنهنجو پاڻ سڃاڻ. خود آشنائي حاصل ڪر.

اسان سڪون جن کي، سي تہ اسين پاڻ.

يا

رانجها رانجها ڪردي، اسين آپي رانجها هوئي.

يا

پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تہ سور هئا.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اهڙيون سوين ستون صوفي سالڪن وٽ ملنديون ته، بي خبر تون غير کي ڳولين ٿو، اصل اُمل ته تون خود آهين، پر تون ڄاڻين نٿو.

گرنٿ صاحب فرمايو:

”من تون جوت سروپ هئہ اپنا مول پڇاڻ.“

يا وري:

- سبحاني مان اعظم شاني
- انالحق
- همہ اوست
- من خدايم، خدايم، من خدا
- تتو مسي
- تت توم اسي، وغيره وغيره

آخري ٻہ فقرا ويدانيت جا آهن، جا پڻ ان هيڪڙائي ۽ سچ جا پار پتا ڏسي ٿي. وحدت الوجود کي هتِ 'ادويت واد' چئجي ٿو، جنهن جو مطلب آهي ته، جيڪو ٻہ نہ آهي. هي هن فڪر جو بڻ بنياد آهي، جنهن جهڙو ٻيو نہ آهي.

- ايڪم ادويتم (وحده لاشريڪ لهٗ)
- ايڪم ستہ دويتو ناسي ( لا الا ال الله)
- برهم ستيم، جگم مٿيا (جهان ڪوڙو آهي ۽ الله سچ آهي )

ويدانيت کي فلسفي جي فڪر ۾ آڻڻ وارو 'شنڪر آچاريا' آهي، هي اٺين صديءَ ۾ مالابار ۾ هڪ برهمڻ هو. ويدانيت جو بنياد 'اُپنشد' 'برهم سوتر' يا وري ويدانيت سوتر ۽ ڀڳوت گيتا آهن.

اُپنشد ۾ آهي ته، هيءَ ڪائنات سراسر دوکو ناهي، پر حقيقت آهي، ڇو جو هيءَ ذاتِ حق جو مظهرُ آهي، پاڻ غير حقيقي ان لاءِ آهي، جو عدم آهي، يعني سندس وجود نہ آهي، پر برهما ته وجود آهي. ان ضد کي سمجهجي ته ڄاڻبو، اهو ته، ڪائنات کي مستقل حقيقي سمجهڻ سڀ کان وڏي ناداني آهي، جا دوکو ڏئي ٿي ۽ ماڻهو رڃ ۾ ڀٽڪي ٿو، جتان ڪجھ پلئہ پوڻو نہ آهي. ڪبير صاحب چيو آهي، ”اي جو دنيا، سحر ميلا، دستگيري ناهي.“ هن سحر (جادو) مان هٿ ڪجھ بہ لڳڻو ناهي. خالي هٿئين رمڻو پوندو، دارا هجي يا سڪندر، قارون هجي يا بل گيٽس، ڪوئي ڪجھ نہ کٽي سگهندو. هيءَ ڪائنات سچ جا ڪرتا آهن، جي سچ جي سچ مان نڪري نروار ٿيا آهن،





تيئن خدا هر هنڌ حاضر ناظر آهي، هر شيءَ ۾ جلوه گر آهي، ته اهڙي گيان (عرفان) سان ئي سالڪ معرفت ماڻي سگهي ٿو، جڏهن سندس اندرين اک کُلي.

ڏي ٿپي لَهُه ٿول، اصلي عين اندر دا ڪول.

قرآن شريف ۾ آهي:

”هو الاول و آخر و الظاهر و الباطن وهو بڪُلِ شيءِ عليم“

مطلب: بس اهوئي هر شيءِ جي شروعات آهي. هر شيءَ جو ظاهر آهي ۽ هر شيءَ جو باطن آهي. (اهوئي اهوئي) هو هر شيءِ جي ماهيت کان واقف آهي. يعني تصوف ۽ ويدانيت جو حاصل اهو ٿيو ته، وجود بس 'هڪ' آهي، ڪائنات نماءُ آهي. Becoming يا ڪثرت وجود آهي. وجود جي وحدت جو هر زمان ۽ مڪان کان مٿانهون آهي. هي مادي وجود، روح جو پردو (حجاب) آهي. جيئن پاڻ بُت تي ڪپڙا پائيندا آهيون، تيئن هي ڪائنات وجود حقيقي جا ڪپڙا آهن. مادي وجود وري فطرت يعني زمان ۽ مڪان ۾ قابو قيد آهي. روح ڇا آهي؟حق مطلق آهي، خود آگهي، پاڻ سڃاڻڻ جي علم، شعور ۽ عشق سا ڄاڻي، سمجهي ۽ پائي Realise ڪري سگهجي ٿو. روح فريب نظر يا رڃ نہ آهي، پر هن روپي (شڪلين واري) سنسار ۾ قيد آهي. روپي سنسار حق مطلق (برهما) جو پاڇو آهي. هن دنيا جو ظهور حق جي ڪري آهي، ۽ ان حق جي ڪري هي موجود آهي، ان لاءِ صوفي چون 'حق موجود، سدا موجود' 'هي حق سچ آهي، باقي دنيا مايا آهي' 'نہ سچ نہ ڪوڙ.' 'آهي بہ، تہ ناهي بہ'، مطلب دنيا جي حقيقت درياءُ وانگر آهي، درياءَ جو هڪ وهڪرو آهي، هڪ وقت ۾ نظر ته اچي ٿو، پر ڏسو تہ وهي وڃي ٿو، هر پيري نئون آهي. تصوف روح جي سائنس جو نالو آهي، ۽ اها مڪمل Applied Science آهي. جي جسم جي ليبارٽريءَ ۾ مرشد (استاد) جي رهنمائيءَ ۾ اندر انيؤ (تجربو) ڪن، ته اهو سچ پائي سگهجي ٿو. تصوف، انسان جي اصليت يعني ڪرداري سائنس جو نانءُ آهي. جهالت ۾ انسان هن مايا جي هن روپي سنسار کي سڀ ڪجھ سمجهي، کوهہ ۾ ڪريل ڏيڏر، سڀ ڪجھ ان کوهہ کي سمجهي، زندگي بي مقصد گهاري ڇڏي ٿو. تصوف، ڪائنات جي ماهيت کي سمجهڻ ۽ پنهنجي ذات جي حقيقت ڄاڻڻ جو علم آهي. ان سواءِ سنسار جا سڀ مزا چکي بہ ماڻهو ماندو، اڌورو،اجايل ۽ اپاڻڪو رهي ٿو. موهہ جو مانداڻ ڪوريئڙي جي ڄار وانگر پاڻ اٽي ۽ پاڻ ئي منجهس ڦٿڪي مريو وڃي، هٿ ڪجھ نہ اچي. اها اگهور مايا وي ننڊ فقط موت اچڻ وقت ئي لهي ٿي ۽ ماڻهو اصل سجاڳ ٿي پوي ٿو، تہ ڇا هي سڀ سپنو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هيو؟ ۽ پوءِ ساپيان ۾ رويو پوي.

رتِي جي رهاڻ، جيءَ اڙايم جت سين.
(شاهه)

تہ هي مزا ۽ شيون ويا وهارڪ آهن. جن جو وجود حسي يا وهمي آهي، ظاهر ۾ مشهود (موجود يا حاضر) پر اندر ۾ معدوم (ناپيد يا لامجود) آهن.

مصري شاهہ خوبصورت بيان ڪيو تہ:

عيش دنيا جا، مڙوئي مان وارا ملوڪ،
سک هڪ ساعت جو، ۽ ساري عمر جو سور.

سڀ حاصلات وقتي آهي، ڪيترو بہ مادي حاصلات، مال مزا هجن، پر وجود جو خال ويندو وڌو ٿيندو، ڪوٽ وڌندي، هَوس وڌندي ۽ ان هيڃ جو ڪٿي ڪو انت ناهي ٿيٽو. هي ترشنا جي باهہ آهي، جنهن کي مزن ۽ هَوس جو تيل اجا پڙڪائيندو، نہ ڪي وِسائيندو. ان مان اٽپورائيءَ تي ڪروڌ پيدا ٿيندو ۽ ماڻهو ۾ ڪوڙي انا ۽ تڪبر پيربو ويندو، پوءِ ڏيکاءُ ۽ نماءُ جو ڪوڙو ڪاروبار شروع ٿي ويندو. اندر ڪوکلو ٿيندو ويندو، ۽ روح ڪان پري ٿيندو ويندو ۽ غير انساني عادتون سندس وٺ ڪثرت سان اينديون وينديون. ماڻهو اوپرو ٿي، مرون لڱندو. علاج ڪهڙو؟ علاج آهي، اَهم ورتي (نفس کي فنا ڪرڻ) يعني نفس اماره کي نفس مطئمن ۾ تبديل ڪرڻ، يعني آتما يا نفس کي ايڏو بلند ڪرڻ جو هو پرم آتما ڪائناتي خدا سان هم آهنگ ٿي وڃي، پوءِ ڪيس ڪائنات ۾ هر طرف خدا جو ئي جلو نظر ايندو، ۽ هو خواهش کان پاڪ ٿي پوندو. پوءِ ڪا بہ مادي شيءِ هن جي خواهش لائق نہ رهندي، بس ڏٺيءَ جي يڪتائي سندس خود پرستي (اهمورتي) کي فنا ڪري ڇڏيندي. اهو سڀ مراقبي، ڌيان يا سماڌيءَ ۾ ملي سگندو، جا، پلائڊ سائنس جي ليب آهي. جتي اها حقيقت ۽ سچ مٿس منڪشف (ظاهر) ٿئي ٿو، تہ هر شيءِ ۾ 'الواحد' جو جلوو آهي. اهو ئي حقيقي علم آهي، عرفان آهي، باقي جيسين هن ڪثرت کي سچ ۽ حقيقت کي سمجهنداسين، تيسين ڪوهہ واري ڏيڏر وانگر ڦاٿا پيا هونداسين.

مولانا رومؒ فرمائي ٿو:

علم چہ بود؟ آنکہ رہ بنمایدت
زنگ گمراہی ز دل بردایت





شيخ سعديؒ فرمائي ٿو:

سعدی بشوے نقش دوی راز لوحِ دل
علیمکہ راہ حق نہ نماید، جہالت است.

## مذهب ۽ تصوف:

عام طرح اهو سمجهيو ويندو آهي تہ، تصوف مذهب مان نڪتل آهي، ۽ ان لاءِ گهڻا دليل ۽ جواز آندا ويندا آهن. بيشڪ ان جي پاڙ اتي آهي. پر، Ph.D. ڪا پرائمري تعليم نہ چئبي. اهڙيءَ طرح مذهب ۽ تصوف بہ آهي. David Emile Durkhiem ٿو چوي تہ، "تصوف جون پاڙون مذهب مان ناهن، بلڪ انسان جي وجود ۾ آهن. مذهب ۽ تصوف ٻئي سچائيءَ کي پرکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، پرمذهب سماجي ظهاري رسمن جو شڪار ٿي، صرف عقيدي تي هلي ٿو، جڏهن تہ، تصوف انسان جي ماهيت ۽ روحانيت جي اعليٰ قدرن جي جستجو ۾ رهي ٿو."

پاڻ سڃاڻڻ جو طريقو مٿين ڏسيل مراقبي جي رياضت ذريعي ٿئي ٿو ۽ ماڻهو مادي ڊوڙ مان نڪري، آفاقي سوچ ۾ اچي ٿو. هن مان غرور، انا، ڪروڌ، تڪبر، وڏائي ۽ هيڃ نڪري، عاجزي، انڪساري، درگذر، صبر، ڪهل، همدردي، پيار ۽ معاف ڪرڻ ۾ مٽجي ٿي. جنهن ۾ ماڻهوءَ جو شعور زمان ۽ مڪان ڪان مٿانهون ٿيو وڃي. ڪائناتي جماليات سان سندس روح سرشار ٿيو پوي ۽ هُو هم گيريت جي وجدان ۾ اچيو وڃي. ڪيس ڪشف حاصل ٿئي ٿو، جڏهن سندس سيرت اندر جي توجهہ، ان جي اندر خود بخود وڄندڙ ڪلمي،ناد يا شبد سان جڙي ٿي، جو ڪيس اندر جي نور، جوت ۾ سندس داخلي جوت جو ميلاپ ٿئي ٿو. تڏهن هو خود شناسي يا آتم گيان جو رس وٺي ٿو ۽ خود کي انا الحق وغيره نالن سان ڏيءُ نہ جهلي، ڪڏهن اٿلي پوي ٿو ۽ چئي ٿو تہ:

پني ڇج مَر ڇُل،منجهہ تماشي نہ ٿئي،
گهوٽ ڪري ٿو پاڻ ڪي، ڪر هنگاما هُلُ.
(سچل)

پر جيسين هو زمانہ مڪان ۾ محدود آهي، تہ دنيائي حساب ڪتاب ۽ نفعي نقصان ۾ ڪڏهن روئي تہ ڪڏهن کلي ٿو. هن کي 'To have' جو ماڳ سڏجي ٿو، پر جڏهن هُو خود شناسي ۾ اچي ٿو، تڏهن 'To be' جو ماڳ ماڻي ٿو. هي وجوديت



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

صوفي مت جو مقام آهي، جو سالڪ کي حاصل ڪرڻو آهي.

ايرڪ فرام پنهنجي ڪتاب "To have or to be" ۾ هن بحث جي اپٽار ڪئي آهي ته، انسان مادي حاصلات ۽ شين جي تعلق ۾ نپوڙيو وڃي ٿو ۽ شين جي مالڪيءَ 'To have' جي هَوس ۾ ساري ڄمار وڃايو ويهي. پر محبت، انسانيت، خدمت، همدردي، سڪون، اطمينان، رشتا، خلوص 'To Be' جي دائري ۾ اچن ٿا. هي منزل ماڻڻ بعد غرور ۽ انا ختم ٿيو وڃي، نفس پرستي ۽ ڪروڌ روحاني طاقت ۽ قلبي سڪون ۾ متجيو پوي ۽ هو خود ٻاجهارو، معاف ڪندڙ، پُرسڪون ۽ سڀ ۾ سائين پسيندڙ ۽ پرين پيارو ٿي پوي ٿو. جنهن لاءِ مون عرض ڪيو ته، تصوف ڪو نظريو نه، پر رويو ۽ ڪردار آهي. انسان جي وصف جي اهم خاصيت ان جي روحاني زندگي آهي، يعني انسان هجڻ جي خاصيت 'To be not to have'، ڇو جو مادي دنيا واري 'To Have' هوس، لالچ ۽ تيز گڏ ڪرڻ جي ڏڪ ڏڪان ڪيس ڪوهيو ڇڏي ۽ ماڻهو جانور ٻڻجيو پوي، منجهانس انساني خصلتون وينديون ختم ٿينديون، ان لاءِ اڄ جي دنيا کي تصوف جي ضرورت آهي، شديد ضرورت آهي. جو ماڻهوءَ ۾ شدت پسند، ساڙ، انتقام ۽ مادي هَوس جي بدران رواداري، سهپ، برداشت ۽ خدا ترسي جهڙا گڻ پيدا ڪري ڪيس خلقِ خدا جي خدمت ۾ تڪميل ڳولڻ سيکاري، ڪائناتي روح ۾ پنهنجي جزي يعني روح کي ڪُل روح ۾ سمائي، سڀنيءَ ۾ سائين ڏسي، سچو موحد ٿي، پنهنجي ڪم ڪار جي غرضي، محبت ۽ خدمت وفاداريءَ ۾ انجام ڏئي هڪ سگهارو ۽ مڪمل وجود ٿي سگهي ٿو.

پائي ڪان ڪمان ۾ ، ميان مار مَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.
(شاهه)

پچين جان دوست، ته پاسي ڪر پرهيز کي،
جنين ڏنو هوت، تن دين سڀئي ڏور ڪيا.
(شاهه)

ڏس عشق جو انصاف، سڀ مذهب ڪيائين معاف.
(سچل)

## تصوف هڪ ڪردار:

صوفيءَ جي فقيري ۽ درويشي، شاهن کان وڌيڪ بي پرواهه ۽ بي غرض ٿئي





ٿي. چون فقيري، ته کهڙي دلگيري. ڪڏهن مايوس ۽ بيزار نه ٿيندا. شڪر، صبر، قناعت سادگي ۽ راضپو سندن شان ۽ سليقو آهي. پنهنجي غريبيءَ تي فخر ڪرڻ وارا هي فقير 'ڪجهه نه گهرجي' جي نعمت سان مالامال ٿي سُکي حياتي گذارين ٿا.

چاهه مِٽي چنتا گئي، منوئا بيپرواهه،
جس ڪو ڪُڇو نه چاهئي، سو ئي شهنشاهه.

صوفي، موهه مايا ۾ نٿو ڦاسي. سڪندر اعظم جي سنڌ جي صوفين ڏاهن موڪليل اشرفين جي ٿيلهين کي هنن اهو چئي موٽايو ته، هن پينو جا پيسا نه گهرجن، جو ملڪ حملا ڪري زوري پيو پني. چاهه ۽ خواهش ئي وڏي غريبي آهي. گهرج جو پورائو ڪڏهن ٿيڻو ئي ناهي. هڪ مان ٻي گهرج جنم وٺي ٿي ۽ اها زنجير ڪڏهن نٽي ڪٽي، ته صوفي عارف مطمئن، ٻاهمت، اطاعت گذار ۽ خادمِ خلق ٿئي ٿو. هو قناعت ۽ صبر سان رهي وٺڻ ۽ ڪسڻ بجاءِ ڏيڻ ۽ تياڳ ڪرڻ چاهي ٿو.

عظمت ان ۾ ناهي ته، توهان ڪيترو حاصل ڪيو، پر وڏائي اها آهي ته، ٻين جي خوشيءَ لاءِ توهان پنهنجا سک ڪيترا قربان ( تياڳ) ڪري سگهو ٿا. صوفي، هيچ نه، سخا جو صاحب ٿئي ٿو.

سچ ۽ حق لاءِ جهد ڪرڻ ۽ عوام جي ڀلي ۽ خلق جي بهبود لاءِ جنگ جوٽڻ ۽ سر قربان ڪرڻ کان به نه ڪيٻائيندو.

نهايت بي غرض، لالچ، حرص ۽ هوس کان پاڪ، پنهنجي ڪم سان وفادار ۽ ديانتدار محنت ۾ عظمت جو جيئرو جاڳندو مثال ٿي، قرباني ۽ تياڳ سان رشتا نڀائي ٿو. محبت ۽ عشق سندس ملڪيت آهي. ڪم کي ڀلي ۽ خدمت لاءِ ڪجي، نفعي ۽ لالچ لاءِ نه ڪجي. نشڪام ڪرم، عبادت، بنا لالچ ۽ خوف جي مالڪ جي رضا لاءِ ڪري پيو. عبد جو معبود لاءِ چاهه، طالب جو مطلوب لاءِ سڪڻ ۽ پڇڻ اڻ ڪٿ پياس ۽ پيار آهي.

### حوالا


1. Erick Fromm. 'The Save Society', p: 55-56.
2. Bertrand Russell, 'History of Western Philosophy', George Allen, Ruskin House, 1975.
3. سليم، آغا، 'هي جا لات لطيف جي'، پبلشرز سنڌي ادبي بورڊ.
4. آڏواڻي، ڪلياڻ، 'رسالو شاهه عبداللطيف'،
5. عبدالجبار عبد، 'تصوف جي تاريخ'، (ترجمو)، سنڌيڪا پبليڪيشن.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair